ناهيد پروين

# ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي رسالن ۽ مخزنن جو مختصر جائزو


## *Abstract*

### A Critical Study of Sindhi Periodicals, magazines and journals before 1947

*Magazines and journals have played a prominent role in the promotion of literature and development of language. That is why their importance is undeniable. That is therefore, the reason that thousands of journals are published in various countries about not only different arts, subjects and genres by which academic, literary, economic and social lifestyles are reflected but also the achievements that they make in other fields are available.*

*Sindhi is an old language and it's literature is also very vast. Indus Civilization is one of the oldest in the entire world. The Sindhi language has witnessed many periods but journals and magazines began to be published only after the British conquest of Sindh. The reason is that before the arrival of the British there was no printing press in the Sub-continent. Not only this but a few prose genres were also introduced during the British period.*

*The present paper presents the details of the history of journals and magazines in Sindh before the birth of Pakistan. It has also analysed the material that was published in these journals in a chronological order.*


ادب جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ رسالا ۽ مخزن نهايت اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. مخزن عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي معلومات جو خزانو يا ڀنڊار. ڏٺو وڃي ته تعليم جي سلسلي ۾ پڙهڻ، پڙهائڻ توڙي ڪوڄنا جي ڏس ۾ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ رسالا اهم ذريعو ثابت ٿيا آهن. ۽ ٻوليءَ ۽ ادب کي شاهوڪار بڻائڻ لاءِ رسالن جي اهميت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. دنيا جي هر ٻوليءَ جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري ۾ رسالن نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. رسالن جي وجود کان سواءِ علم توڙي ادب جي ڪنهن به شاخ يا صنف جي اوسر جيتوڻيڪ ناممڪن ناهي، پر ڏکي ضرور آهي. دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ مختلف فنن، مضمونن ۽ شعبن ۾ لاتعداد رسالا نڪرن ٿا، جن

۾ اتان جي علمي، ادبي، ثقافتي معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ جو نہ فقط عڪس ملي ٿو بلڪ اتي مختلف ميدانن ۾ ٿيندڙ اوسر ۽ ڪوجنا جا وچور پڻ آڏو اچن ٿا.

سنڌي هڪ قديم ٻولي آهي ۽ سنڌس ادب جو دائرو بہ نهايت وسيع آهي. سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي. سنڌي ٻولي بہ مختلف دور ڏٺا آهن. عرب سياحن جي سفرنامن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ عربن جي زماني ۾ سنڌي ٻولي مختلف لپين ۾ لکي ويندي هئي. پنيور جي کوٽائي مان جيڪي ٺڪريون مليون آهن، انهن تي ديوناگري لپي ۾ سنڌي اکر اڪريل مليا آهن. اسلام جي اچڻ کان پوءِ سنڌ جي رهواسين سنڌي ٻوليءَ کي عربي صورتخطي ۾ لکڻ شروع ڪيو. تنهن هوندي بہ سنڌ جي هندن وٽ پراڻا نمونا رائج رهيا. اهو سلسلو انگريزن جي اچڻ تائين رائج رهيو. انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي، ۽ سنڌي کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو رواج پيو ۽ ڪيترا اسڪول قائم ٿيا. سرڪاري ۽ خانگي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا. سرڪاري ۽ خانگي سطح تي اشاعتي پريسون قائم ٿيون ۽ سنڌي ڪتابن سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ اخبارون ۽ رسالا بہ ڇپجڻ شروع ٿيا. 25 مئي 1858ع تي پهرين سنڌي هفتيوار اخبار "فوائد الاخبار" جي نالي سان ڪراچي مان جاري ٿي، جيڪا فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ هئي. ٻن سالن کان پوءِ 1860ع ۾ سکر ۾ پڻ پريس قائم ڪئي وئي ۽ مرزا مخلص علي فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ اخبار "مطلع خورشيد" جاري ڪئي ۽ سنڌ ۾ صحافتي دور شروع ٿيو. 1866ع ۾ تعليم کاتي پاران "سنڌ سڌار" اخبار ڪڍي هئي. اخبارن ڪڍڻ جو اهو سلسلو اڳتي وڌندو رهيو ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان "معاون مجمع"، مرزا محمد صادق پاران "معين الاسلام" اخبارون ڪڍيون ويون، جيتوڻيڪ اهو صحافت ۽ اخبار نويسي جو شروعاتي دور هو. پر ان جذبي ٻين اديبن ۽ عالمن ۾ بہ اتساهہ پيدا ڪيو. جيڪو اخبارن ۽ رسالن جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو. رسالن جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ.سنڌي رسالا سن 1890ع کان پوءِ نڪرڻ شروع ٿيا.

"جڏهن ٻين ٻولين جي آکاڻين جي ترجمن جو رواج وڌي ويو. هن دور ۾ ٽي ماهوار

رسالن کي وجود ڏنو. هي دور سن 1890ع کان 1940ع تائين تمام زور شور سان هليو. ڪيترين ئي اردو، هندي، بنگالي، گجراتي، مرهٽي ۽ انگريزي ٻولين مان آکاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيون.

ماهه نومبر 1890ع ۾ ساڌو هيرانند هفتيوار اخبار "سنڌ سڌار" کان جدا ٿي، ساڌو نولراءِ ۽ رشي ڏيارام سان گڏجي سڌار سڀا جماعت قائم ڪئي، جنهن جي زير سايي هڪ ماهوار مخزن "سرسوتي" جاري ڪئي. هي مخزن عربي رسم الخط ۾ هوندي هئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، تاريخي ۽ اخلاقي مضمون شايع ٿيندا هئا. سنڌي زبان ۾ هي پهريون ماهوار رسالو آهي."( 1) ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ڪيترا سنڌي رسالا نڪرندا هئا، اهو ڪم اجا تحقيق طلب آهي، پر مون کي جيڪي نالا هٿ آيا آهن، ان موجب انهن جو انگ 183 آهي، پر اهو انگ اجا وڌي به سگهي ٿو. انهن مان ڪن چونڊ رسالن جو مختصر ذڪر هت ڏجي ٿو:

### ورهاڱي کان اڳ نڪتل ڪجهه مشهور ۽ مقبول رسالن جو تفصيل

**سرسوتي:**

هي رسالو سنڌي ٻوليءَ ۾ جاري ٿيندڙ پهريون رسالو آهي. هن رسالي کي سنڌي ادب جي رسالن جو بنياد وجهندڙ چئجي ٿو. هيءُ مخزن هندو سوشل ريفارم ايسوسئيشن جي نگرانيءَ هيٺ نومبر 1890ع کان جاري ٿيو. رسالي جو ايڊيٽر ساڌو هيرانند هو. رسالي جو مواد علمي، ادبي ۽ سماجي مضمونن تي ٻڌل هوندو هو. هن ۾ وقت جي برک ليکڪن جون آکاڻيون ۽ شاعري شايع ٿيندي هئي.

**سنڌ ڪاليج مسليني (ڇهه ماهي ڪراچي):**

هي مخزن ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج پاران 1899ع ۾ جاري ٿيو ۽ ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو. ساڌو ٽانورداس واسواڻي هن مخزن جو باني هو. مخزن ٽن ٻولين ۾ شايع ٿيندو هو: سنڌي، گجراتي ۽ انگريزي. مخزن جو ايڊيٽر ڪاليج جي نئين استادن مان ڪو هڪ هو ۽ سب ايڊيٽر شاگردن مان چونڊيو ويندو هو. "ڊي جي ڪاليج مسليني مخزن ڇهه ماهي شڪل ۾ جاري ڪئي وئي جا ساڌو ٽانورداس شروع ڪئي ۽ 1947ع

تائين هلي. انهيءَ مخزن ۾، ان وقت جي انگريزي ۾ سيني لکندڙن ۽ شاعرن حصو ورتو. هن جا مکيه مضمون بعد ۾ گڏ ڪري شايع ڪرايا ويا". (2)

**اخبار تعليم:**

سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي پاران، ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي نظرداريءَ هيٺ "اخبار تعليم" جي نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو ويو. جنهن تعليمي ميدان ۾ سنڌ جي عوام جي زبردست خدمت ڪئي. محترم الهه رکيو ٻٽ هن بابت لکي ٿو ته "سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ رسالن مان هن رسالي گهڻو جٽاءُ ڪيو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به نڪرندو رهيو." (3)

محترم ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو پنهنجي تحقيقي "مقالي سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ" ۾ لکي ٿو ته: "ديوان بولچند هن مخزن جو خاص مهتمم هو. هن رسالي ۾ تعليم، ثقافت، اصلاح ۽ تاريخ تي اعليٰ مضمون پوندا هئا. پر ساڳئي وقت، ان ۾ شاگردن جي باري ۾ ۽ ٻين اهم تعليمي واقعن بابت خبرنامو پڻ شايع ڪيو ويندو هو. ان جي پڙهڻ سان سنڌ ڪلن ڀر پڙهندڙ شاگردن جو ضروري احوال معلوم ٿي ويندو هو. هي مخزن 1970ع تائين جاري رهي." (4)

مٿين ٻنهي حوالن مان ثابت ٿئي ٿو ته مخزن "اخبار تعليم" سنڌ ۾ علم و ادب جي واڌاري لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو.

**تحفه احباب:**

هي ماهوار رسالو محمد هاشم مخلص جولاءِ 1904ع ۾ ڪڍيو. هن رسالي ذريعي محمد هاشم مخلص قومي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انگريزن جي حڪومت سان قلم وسيلي مهاڏو اٽڪايائين. مخلص پنهنجي سڄي حياتي، مسلمانن جي بهتري ۽ سياسي توڙي سماجي طور مان مٿانهين ڪرڻ لاءِ ارپي ڇڏي هئي.

مخلص جي ظرافتي ۽ هجوياڻه صلاحيت جي خبر انهن مضمونن مان پوي ٿي، جيڪي رسالہ "تحفه احباب" ۾ شايع ٿيا. رسالو ٽکڙ مان جاري ڪيو ويو. رسالي جي نڪرڻ ۽ مخلص جي مضمونن جي ڇپجڻ سان جڻ باهه ٻري وئي. هر پاسي وٽ ونان ٿي

وئي. مختلف ماڻهن كيس ڪرڻ جون تياريون ڪيون ۽ "مخلص" ڦاسڻ جو خطرو محسوس ڪري جوڌپور وڃي نڪتو.

مخلص 1906ع ۾ سنڌ موٽيو ۽ مرحوم علامہ سيد اسد الله شاھ "فدا" سان گڏجي رسالو "بهار اخلاق" ڪڍيائين. هي رسالو ايترو تہ مقبول هو جو ان زماني ۾ رسالي جون هر مهيني ٽي هزار ہ سؤ ڪاپيون ڇپجي پڙهندڙن تائين پهچنديون هيون. وقت جي وڏن ليکڪن جو رسالي سان تعاون هو.

## زميندار گزٽ:

هي ماهوار زرعي رسالو فيبروري 1909ع کان حڪيم ڌرمسنگھ ٿهلسنگھ جاري ڪيو. جنهن جو ايڊيٽر هو پاڻ هو. هن رسالي ۾ سماجي ۽ ڌرمي مضمون ڏنا ويندا هئا. حڪيم ڌرمسنگھ پاڻ هڪ وڏو حڪيم ۽ واپاري هو. تنهنڪري هي رسالو زميندارن ۽ واپارين جي مفاد لاءِ ڪڍيائين. هن رسالي ۾ زميندارن ۽ واپارين تي ڪامورن پاران ٿيندڙ سختين کي پيش ڪيو ويندو هو. حڪيم صاحب پاران قائم ڪيل "زميندار گزٽ پريس" ۾ هي رسالو ڇپيو ويندو هو. هن رسالي زميندارن ۽ واپارين وٽ وڏي مڃتا ماڻي.

## سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد ۽ ڪراچي جو ماهوار رسالو:

لعل چند امر ڏني مل جي قائم ڪيل سنڌي ساهت سوسائٽي پاران ماهوار رسالو 1916ع ۾ نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ وقت جي بهترين ليکڪن جا اُصلي توڙي ترجمو ڪيل شاهڪار شايع ڪيا ويندا هئا. سوسائٽي جي ڊائريڪٽرن ڪجھ وقت کان پوءِ رسالو حيدرآباد بدران ڪراچي مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو. ان جو پهريون ايڊيٽر ڄيٺمل پرسرام هو. ڪراچيءَ ۾ رسالي جو ايڊيٽر سوسائٽي جو روح روان ۽ ڪراچي لاءِ جنرل سيڪريٽري لالچند امر ڏنو مل هو. ڪجھ سالن کان پوءِ هن رسالي جو ڪاروبار ڪراچيءَ جي ڪتب فروش ۽ پبلشر اين - ايچ - پنجابي جي حوالي ٿيو. اهڙيءَ ريت هي رسالو پندرهن سالن تائين سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهيو ۽ سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو. "ڪن جو خيال آهي تہ هي رسالو سنڌي ادب جي سمورن ادبي ماهوار رسالن ۾

آڳاٽو آهي، جنهن سنڌي ادب جي بي مثال خدمت ڪئي. هن رسالي ڪيترن ئي ڪهاڻين، ڊرامن، مضمونن ۽ شعرن جا ڪتاب شايع ڪيا." ( 5)

**الڪاشف:**

مولانا دين محمد وفائي ماهوار رسالو "الڪاشف" ٺلاهه شريف مان 1918ع ۾ جاري ڪيو. هي ماهوار علمي، اخلاقي، تاريخي ۽ طبي رسالو هو. هن جو ايڊيٽر مولانا پاڻ هو. جنهن کي انجمن اسلام لاڙڪاڻي جي سرپرستي حاصل هئي. هر مهيني فقهه ۽ طب جي موضوعن تي سوالن جا جواب ڏنا ويندا هئا. ان سان گڏ عالمن، فاضلن ۽ ولين جا تذڪرا پڻ ڏنا ويندا هئا. هي رسالو پنهنجي دور جو تمام گهڻو ڪامياب رسالو ليکبو هو.

**ڪچڪول:**

هي ماهوار رسالو محمد هاشم "مخلص" 1919ع کان جاري ڪيو. هي علمي ۽ ادبي رسالو هو. هن ۾ ظرافت تي بہ مواد ڇاپيو ويندو هو. هي ماهوار رسالو ٻہ سال مس نڪتو. ان کان پوءِ يڪدم بند ٿي ويو.

هن ماهوار رسالي بابت ڊاڪٽر عزيز الرحمٰن ٻگهيو لکي ٿو تہ "الامين" مان نڪرڻ وقت محمد هاشم مخلص سخت تاءَ ۾ اچي ويو ۽ غصي لاهڻ لاءِ هڪ رسالو "ڪشڪول" جي نالي سان ڪڍيائين جنهن ۾ پڙهندڙن کي ٻڌايائين تہ هو "چغلخورن" جي سازشن جو شڪار ٿيو هو. ان رسالي ۾ "مخلص" مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ تي وڏا حملا ڪيا ۽ گهٽ وڌ لکيو، سنڌس لکڻي اهڙي قهر جي هوندي هئي ۽ شعر اهڙا پختا ۽ دلچسپ ناهيندو هو جو ٿوري عرصي اندر رسالو "ڪشڪول" بيحد مقبول ٿي ويو ۽ ماڻهو رونشي ڪوڏيا پئسا کنيو ان رسالي کي پيا ڳوليندا هئا تہ مزو وٺي ڪلن." ( 6) محترم عزيز الرحمان ٻگهئي کان لڳي ٿو تہ ڀل ٿي آهي. هن رسالي جو نالو "ڪشڪول" نہ پر "ڪچڪول" آهي، جنهن جي تصديق ڊاڪٽر اياز حسين قادري جي تحقيقي مقالي "سنڌي غزل جي اوسر" ياڳو ڪتاب جي صفحي 195 تان ٿئي ٿي.

روح رهاڻ:

هي ماهوار رسالو جيٺمل پرسرام ٿياسافي جي پرچار لاءِ 1920ع / 1921ع ۾ حيدرآباد مان جاري ڪيو. ماهوار ”روح رهاڻ“ جو نالو جيٺمل پرسرام شاهه ڀٽائي رح عليه جي هن مشهور بيت مان چونڊيو هو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نہ ڪي ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ سسئي تان سور ٿيا.

اهو بيت رسالي جي ٽائيٽل جي زينت بڻيل هوندو هو. جيڪو سرگواسي جيٺمل پرسرام جي لاڙي ۽ ذهني سوچ جي پوري ريت عڪاسي ڪندڙ هو. رسالي معرفت، جيٺمل پرسرام سنڌ ۾ ميٺ محبت واري فضا پيدا ڪرڻ ۾ ۽ ڪنهن حد تائين ان کي برقرار رکڻ ۾ وڏي هٿي ڏني“.(7)

ڪجهه وقت کان پوءِ مرزا قليچ بيگ جو پٽ مرزا نادر بيگ ”روح رهاڻ“ جي ادارتي عملي ۾ جيٺمل جو ٻانهن ٻيلي ٿيو. جنهن ڪري تصوف ۽ برهم وديا تي گهڻو ئي مواد ڇپجڻ لڳو. هن رسالي ۾ هند ۽ سنڌ جي صوفين ۽ سنتن جا اقوال، احوال ۽ واقعات، ٿياسافي جي ڄاڻن جون تقريرون ۽ تحريرون ڇاپيون وينديون هيون. مولانا غلام محمد گرامي مطابق، هي رسالو 1923ع ۾ جاري ٿيو ۽ 1944ع تائين 21 سال زنده رهيو.

سنڌ ڪو آپريٽو ماهوار:

هي رسالو سنڌ ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ رسالا روڊ حيدرآباد جي نظرداري هيٺ 1922ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي سنڌي ۽ انگريزي ۾ نڪرندو هو. ورهاڱي کان اڳ هن رسالي جو ايڊيٽر راءِ بهادر پريتمداس حڪومت راءِ ۽ حشمتراءِ مير چنداڻي رسالي جا ايڊيٽر ۽ روح روان هئا ۽ ورهاڱي کان پوءِ ٻيهر 1959ع کان نڪرڻ لڳو ۽ ان وقت ان جو ايڊيٽر مقبول پٺاڻ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هن ۾ اردو ٻولي جو واڌارو ڪيو ويو. هن رسالي ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ تي مواد سان گڏ ادبي مضمون ۽ شعر شاعري بہ شايع ڪئي ويندي هئي.

### توحيد:

مولانا دين محمد وفائي ڪراچي مان ماهوار رسالو ”توحيد“ ڪڍيو، جيڪو وچ ۾ ست سال نہ نڪتو ۽ پوءِ لاڳيتو 1950ع تائين نڪرندو رهيو. ان رسالي بابت محترم الهہ رکيو بٽ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي رسالن جي تاريخ“ ۾ لکي ٿو تہ ”سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ رسالن جو مهندار ماهوار توحيد سال 1922ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سنڌ جا ناليوارا قومي ڪارڪن مولانا دين محمد وفائي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم رسالي جا ايڊيٽر رهي چڪا آهن.“(8)

رسالي ”توحيد“ جي وسيلي مرحوم مولانا دين محمد وفائي سنڌ ۾ ضعيف الاعتقاد مسلمانن مان غير اسلامي رسمن ۽ رواجن، بدعتن ۽ بدڪارين ۽ انهن کي رائج ڪندڙ مولوين ۽ پيرن جي خلاف وڏو ڪم ڪيو.

ان سڄي جهاد جو روح روان مرحوم وفائي هو. جنهن جي قلم مان توحيد جو اڪثر مواد هر مهيني نڪرندو هو ۽ صفحن جو سينگار بڻجي پڙهندڙن تائين پهچندو هو.“(9)

هن رسالي سنڌ جي مسلمانن ۾ تمام گهڻي مذهبي، قومي ۽ سياسي جاڳرتا آندي. هي رسالو مولانا دين محمد وفائي جي وفات کان پوءِ سندس پٽ علي نواز وفائي جي ايڊيٽريءَ ۾ بہ ڪجھ وقت نڪتو.

### الجامع ماهوار ڪراچي:

هي رسالو سنڌ جي ماهر حڪيم، اهل قلم ۽ قومي خدمتگار حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ آگسٽ 1925ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ سٺا ۽ معياري ادبي مضمون شايع ٿيندا هئا. ان رسالي قومي تحريڪ ۾ نهايت سٺو ڪردار ادا ڪيو. هي رسالو هڪ ئي وقت ٽن ٻولين سنڌي، انگريزي ۽ عربي ۾ نڪرندو هو.

### سنڌو:

سال 1932ع ۾ هڪ ماهوار ادبي رسالو ”سنڌو“ نالي سان شڪارپور مان

مسٽر بولچند راجپال جاري ڪيو. جيڪو ڪجهه عرصي کان پوءِ ميان جي ڳوٺ ڏانهن منتقل ٿيو. هن رسالي بابت محترم جبار جوڻيجي، پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ لکي ٿو: ”بولچند راجپال، 1932ع ۾ ”سنڌو“ رسالو شڪارپور مان شايع ڪيو. هن ادبي پرچي افسانن جي اشاعت ۾ خاص حصو ورتو. نادر بيگ کان سواءِ ڪيترن ٻين جا افسانا شايع ٿيا. جن ۾ پير حسام الدين راشدي، عبدالله عبد، لطف الله بدويءَ جا نالا اچن ٿا.“ (10)

هن رسالي جيڪي علمي ادبي خدمتون سر انجام ڏنيون آهن، سي وسارڻ جوڳيون نہ آهن. هن ڪيترائي نوان ليکڪ پيدا ڪيا ۽ اياريا ۽ متعدد شاعرن ۽ اديبن کي لکڻ جي واٽ ۾ پڪو پختو ڪيو. هن رسالي جي هڪ خاص خوبي اها هئي جو هن رسالي ۾ هندو توڙي مسلمان، چوٽي جا اديب ۽ شاعر هڪجهڙي چاهہ سان لکندا هئا ۽ هي رسالو پڙهندڙن ۾ بيحد مقبول هو.

محترم عزيز الرحمٰن ٻگهيو پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ سنڌو رسالي بابت لکي ٿو: ”هي رسالو پاڪستان ٺهڻ تائين نڪرندو رهيو. مرحوم پروفيسر احسان بدوي مطابق، ”هن رسالي لڳاتار پندرنهن سال سنڌي زبان جي خدمت ڪئي آهي، سا سنڌ وارن جي دلين تان ڪڏهن بہ ڀلجي نہ ٿي سگهي“. مسٽر بولچند کان پوءِ، جيڪو نوجوان ماڌو داس رسالي جو ايڊيٽر بڻيو، تنهن پنهنجي سياسي لاڙي سبب، هن خالص ادبي رسالي کي ڪانگريسي سياست ڏانهن گهلي ويو. ان ڪري ان جي ادبي حيثيت متاثر ٿي. هي رسالو 52 صفحن تي مشتمل، سهڻي سائيز ۾، اوچي پني تي تصويرن سان نڪرندو هو. هن ۾ گهڻي جاذبيت هئي.“ (11)

## گلستان:

هي ماهوار رسالو ٻالڪن جي ٻاري جي سهاري هيٺ سيپٽمبر 1933ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي کي سنڌ جي تعليم کاتي ٻاران منظور ڪيو ويو هو. هن رسالي ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ لاءِ سهڻيون تصويرون، مزيدار لٽڪا چٽڪا، نصيحت ڀريون آکاڻيون، عام معلومات جون ڳالهيون، ملڪي خبرون ۽ ٻيو گهڻو مواد ڏنو ويندو هو. شريمتي پاروتي گدواڻي ۽ تيرٿ سياڻي هن رسالي جا ايڊيٽر هئا، جن هن رسالي جي

ذريعي ٻارن جي دلچسپي ۽ ونڊر جو سامان مهيا ڪيو. هن رسالي ڪڍڻ ۾ ڪماري پاروتي سپاهيملاڻي جو به همٿ هو. هن رسالي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

**اندس:**

هي ساليانو مخزن ڪراچي مان رابندر ناٿ ٽئگور ڊراميٽڪ ڪلب 1934ع کان جاري ڪيو هو. هن مخزن جو ايڊيٽر پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هو. هي مخزن هڪ ئي وقت انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ نڪرندو هو. هن مخزن ۾ ان دور جي ناليوارن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا ليک شايع ڪيا ويندا هئا. ان جي لکندڙن ۾ هيٺيان نالا ذڪر جوڳا آهن: ڄيٺمل پرسرام، ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، ليکراج "عزيز"، آسانند مامتوراءِ، هيرانند آڏواڻي، پريداس ڀيرومل ۽ پروفيسر ڪرشن ڪرپلاڻي.

**وديا:**

هي ماهوار رسالو جنوري 1935ع ۾ جاري ٿيو. هن جو نگران نرملداس ڏرمداس گربخشاڻي هو ۽ جڏهين ته ايڊيٽر مس رڪي - جي - ملڪاڻي هئي. هن رسالي ۾ هر عمر جي ماڻهن جي دلچسپيءَ جو خيال رکيو ويو هو. رسالي ۾ تعليمي، سماجي ادبي مواد سان گڏ مشهور هندن جون سوانح عمريون ۽ انهن پاران ڪيل سماجي ڀلائي جي ڪمن جو احوال ڏنو ويندو هو. هي رسالو انگريزي توڙي سنڌي ٻنهي ٻولين ۾ نڪرندو هو.

**تعليم الاسلام:**

هي ماهوار مذهبي رسالو مولوي عبدالفتاح ڪوسي شڪارپور مان 1936ع ۾ ڪڍيو. هن رسالي ۾ قرآن مجيد، احاديث نبوي ۽ صالحين جي تعليم تي مبني مواد ڏنو ويندو هو. ان سان گڏوگڏ هن رسالي ۾ شرعي مسئلن جون فتوائون ۽ اسلامي تاريخ مان سبق پڻ ڏنا ويندا هئا. هن رسالي ذريعي غير شرعي رسمن کي ننديو ويندو هو. هي رسالو ڪراچيءَ مان ڇپايو ويندو هو. هي رسالو مذهبي ماڻهن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو.

## خاڪسار سپاهي:

ماهوار خاڪسار سپاهي علامه عنايت الله مشرقي جي هلايل خاڪسار تحريڪ کي زور وٺائڻ خاطر 1937ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. مير الهه بخش ٽالپر رسالي جو ايڊيٽر هو. هي رسالو گهڻو ڪري معلوماتي خبرن ۽ علمي مواد سان گڏوگڏ تحريڪي مواد تي ٻڌل هوندو هو.

## مخلص:

هي ماهوار رسالو مرحوم محمد هاشم مخلص جي ياد ۾ جنوري 1938ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو مرحوم جي ڀائيٽي محمد خان ”غني“ ڪڍيو. محمد خان غني هن رسالي جو ايڊيٽر ۽ سرپرست هو. حافظ عبدالله ”بسمل“ رسالي جو اعزازي ايڊيٽر هو. هن رسالي سنڌي ادب جي سٺي خدمت ڪئي. هن رسالي ۾ تاريخي ۽ تحقيقي مضمون ۽ شعر و شاعري به شايع ڪئي ويندي هئي.

## نوجوان:

هي ماهوار رسالو اپريل 1939ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو ايڊيٽر آسرداس ارجنداس پرسواڻي هو. هن رسالي ۾ سماجي، تعليمي، هنري ۽ اخلاقي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا. ان سان گڏوگڏ شاعري به شامل هئي. رسالي نوجوان ۾ ملڪي خبرون به شايع ڪيون وينديون هيون.

## ساقي:

هي ماهوار رسالو مئي 1940ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. امر لعل وسڻمل هنگوراڻي ۽ هري درياڻي دلگير هن جا ايڊيٽر هئا. هن رسالي جو معيار ڪافي بهتر هوندو هو. هن رسالي ۾ تمام سٺا مضمون، نصيحت آموز ڪهاڻيون ۽ ٻيو ادبي تعليمي مواد شايع ٿيندو رهندو هو.

## عبرت:

مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي 1940ع کان پهرين به ماهي، پوءِ سماهي ۽

آخرڪار ماهوار "عبرت" مخزن ڪڍيو. عثمان ڏيپلائي هن رسالي ذريعي پيرن، مرشدن ۽ وڏيرن جي هٿان ستايل سنڌي عوام کي بيدار ڪيو. ڏيپلائي صاحب ورهاڱي کان پوءِ عبرت سلسلو قاضي برادران جي حوالي ڪيو، جن وري عبرت رسالي کي روزاني اخبار جي حيثيت سان جاري ڪيو، جا هيل تائين جاري آهي. جڏهن ته "عبرت مئگزين" هاڻي پندرهن ڏينهن ۾ جاري ٿئي ٿو.

**اديب سنڌ:**

هي ماهوار رسالو قادري خاندان جي وڏي ميان علي محمد قادري جي ياد ۾ 1941ع ۾ جاري ڪيو ويو. هي رسالو "سنڌ سڌار سوسائٽي" پاران حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي ۽ ميان غلام عباس جوش جي گڏيل ڪوشش سان جاري ٿيو. هن رسالي جو پهريون ايڊيٽر ماستر جمع خان "غريب" هو. هي رسالو ورهاڱي کان پوءِ به نڪرندو رهيو. هن رسالي سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. هن رسالي کي اديبن ۽ عالمن وٽان سٺي موٽ ملي. هي رسالو قادريه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي مان ڇپجندو هو.

**گل ڦل:**

هي رسالو "سندر ساهتيه منڊل" اشاعتي اداري پاران 1941ع ۾ ميلارام منگترام واسواڻي خاص ٻارن لاءِ ڪڍيو. هن رسالي ۾ ٻارن جي وندر وروندر خاطر آکاڻيون، ٻاراڻا ٻول ۽ اخلاقي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا. ٻارن جي دلچسپيءَ لاءِ هن ۾ رنگين تصويرون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو ورهاڱي تائين شايع ٿيندو رهيو.

**پرهه ڦٽي:**

هي ماهوار رسالو 1945ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو ايڊيٽر مشهور اديب گوبند مالهي هو. هي هڪ معياري ادبي رسالو هو. هن رسالي ۾ شعر ۽ افسانا شايع ٿيندا هئا.

**باغي:**

هي ماهوار رسالو جنوري 1947ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن ماهوار رسالي جي

نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هن رسالي ۾ انقلابي ادب شايع ڪيو ويندو هو. هن جو ايڊيٽر شيخ مبارڪ علي اياز (شيخ اياز) هو. شيخ اياز جون ڪهاڻيون بہ هن رسالي ۾ شايع ٿينديون هيون. هن رسالي کي سنڌ جي نوجوان طبقي وٽان سٺي موٽ ملي.

ورهاڱي کان اڳ جن رسالن سنڌي ادب لاءِ جاکوڙيو تن جي ڊگهي فهرست آهي. هت انهن مان ڪجهہ خاص رسالن جو ذڪر آندو ويو آهي، جن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ نہ فقط پاڻ ملهايو بلڪ ادب ۾ هڪ اهم مقام پڻ حاصل ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ واري دور جي جيڪڏهن ورهاڱي کان اڳ واري دور سان ڀيٽ ڪجي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ورهاڱي کان پوءِ واري دور ۾ رسالن جو انگ، ورهاڱي کان اڳ واري انگ کان تمام گهڻو آهي. ادب جو معيار بہ تمام اوچو ۽ اعليٰ ٿي ويو آهي، جنهن جا گهڻائي سبب آهن جن ۾ تعليم عام ٿيڻ، تعليمي ادارن ۾ واڌاري، سنڌ ۾ يونيورسٽين جو قيام، سنڌي ادبي سنگت، سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻين اهڙن ادارن جو قيام شامل آهي. جن هڪ پاسي ادب ۽ اديب کي همٿايو تہ ٻئي پاسي ادب پڙهندڙن جو حلقو وڌايو. ادب سان دلچسپي جو هڪ ٻيو سبب ماڻهن ۾ آيل سياسي جاڳرتا هئي، جيڪا ورهاڱي کانپوءِ نثر توڙي نظم جو موضوع بڻي. محترم ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پنهنجي هڪ تحقيقي مضمون ۾ لکي ٿو: "اتر سنڌ ۾ "اديب سنڌ"، ڏکڻ سنڌ ۾ "نئين زندگي" ۽ حيدرآباد ۾ تہ ماهي "مهراڻ"، ورهاڱي کان پوءِ واري ٻڌتر واري ادبي ماحول ۾ استحڪام پيدا ڪرڻ جي تعريف جوڳي ڪوشش آهي. انهن ٽنهي رسالن مان "اديب سنڌ" غير سرڪاري رسالو هو، جيڪو اڳتي هلي بند ٿي ويو، ليڪن ٽماهي "مهراڻ" ساڳئي جوش ۽ جذبي سان ادب جي خدمت ڪري رهيو آهي ۽ "نئين زندگي" رسالو بہ پيو ڪڍي پساهہ. پسڻ ڪارڻ پريڻ جي. اسان جي عورت ذات، يعني اڌ ڪائنات جڏهن بيدار ٿي نہ "مارئي" ۽ "اديون" رسالن جو اجراءُ ٿيو. "مارئي" هڪ ڪان وڏيڪ دفعا نڪتو ۽ بند ٿيو". (12)

انهيءَ کان پوءِ سنڌي ادب جي زندگيءَ جي مختلف موڙن تي جن رسالن وڏي شهرت ماڻي ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪئي، تن مان سڀ کان پهريون نالو حميد سنڌيءَ جي رسالي "روح رهاڻ" جو اچي ٿو. هن رسالي سنڌ ۾ ترقي پسند ادب کي سيراب ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏني، جنهن کان پوءِ ساڳي ڪوٽ وري طارق اشرف جي سهڻي رسالي پوري ڪئي.

ورهاڱي کان ڏهه ٻارنهن سال پوءِ لاڪيٽي لطيف ۽ خليفي گل جي ترن يعني هالا، ادب جي فروغ ۽ اشاعت جي ڏس ۾ جي ٻال ٻلايا. تنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي معياري رسالا جاري ٿيا. اهڙن رسالن مان "فردوس" ۽ "روح ادب" جا نالا قابل ذڪر آهن. ساڳئي دور ۾ گرامي مرحوم جي ادارت ۾ نڪرندڙ "شاعر" رسالي وچولي سنڌ ۾ علم و ادب جي جوت کي جلائي رکيو.

## ورهاڱي کان پوءِ نڪتل مشهور ۽ مقبول رسالن جو تفصيل:

**آفتاب:**

هي ماهوار رسالو مسلم ادبي سوسائٽي ڪراچي پاران آگسٽ 1947ع ۾ ڪڍيو ويو. هي سوسائٽي چند اديبن سنڌ جي مسلمانن جي علمي ادبي خدمت لاءِ جوڙي هئي. ان سوسائٽيءَ پهريون ڪم اهو ڪيو جو "آفتاب" ماهوار رسالو ڪڍيو. مرحوم غلام محمد گرامي هن رسا'ي جو ايڊيٽر هو.

**لطيف:**

هي ماهوار رسالو ايم - ايچ حافظ حسيني جي ادارت هيٺ جناح ڪورٽس ڪراچي مان آڪٽوبر 1947ع ۾ نڪتو. هي علمي ۽ ادبي رسالو هو. هن جا خاص موضوع ادب ۽ اسلامي تاريخ هئا. پر ان کان سواءِ عام معلومات ۽ فلمي خبرون به شامل ڪيون وينديون هيون. 1947ع ۾ هي رسالو نڪرڻ بند ٿي ويو.

**اهل قلم:**

هي رسالو سنڌ جي اڳوڻي وزير اعليٰ مرحوم پير الاهي بخش جي سرپرستي ۽ غلام احمد "ساقي" سجاولي جي ڪوشش سان جولاءِ 1948ع کان نڪتو. هن رسالي جو ايڊيٽر گل حسن طاهراڻي ۽ مئنيجر عمر بلوچ هو. هي هڪ ادبي رسالو هو. هن ۾ افسانا ۽ شاعري شايع ڪئي ويندي هئي. هن رسالي جي شايع ڪرائڻ مان ان ڳالهه جو پتو پوي ٿو ته سنڌ جا حاڪم به ادب نواز ۽ ادب دوست رهيا آهن، جن به سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ هڙان ۽ وڙان ڪين گهٽايو آهي ۽ هر طرح سان سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب کي

زور ونرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن.

**اطلاعات سنڌ:**

هي باتصوير رسالو ڊائريڪٽوريٽ آف پبلسٽي ريليشن سنڌ طرفان 14 آگسٽ 1948ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي جو ايڊيٽرعلاؤ الدين محمد يونس خان سمون ۽ عبد الحئي "سليم" هالائي سندس اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا. هن رسالي ۾ سرڪاري خبرون شايع ڪيون ويندون هيون ۽ ان کانسواءِ عام خبرون، ادبي، تاريخي مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر شايع ڪيا ويندا هئا. هي رسالو هر ڇنڇر تي شايع ڪيو ويندو هو. جيڪو سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

**نئين زندگي:**

هي رسالو پاڪستان پبليڪيشن پاران آڪٽوبر 1948ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي. هن رسالي جو سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام آهي. سنڌ جا مشهور اديب جهڙوڪ عبدالواحد سنڌي ۽ شمشير الحيدري هن رسالي جا ايڊيٽر رهي چڪا آهن. هن رسالي بابت محترم امداد علي ميمڻ نئين زندگي جو گولڊن جوبلي نمبر (فهرست نمبر) جي ايڊيٽوريل ۾ لکي ٿو: "نئين زندگي" جي اشاعت جا پنجاهه سال پورا ٿيا آهن، ياد رهي ته 1948ع ۾ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ وارين هنگامي حالتن کان وٺي اڄ تائين "نئين زندگي" جنهن نموني پنهنجي اشاعت کي بلاناغي ۽ باقاعدگي سان سڄي ساري اڌ صدي تائين جاري رکيو آهي، سو بلاشڪ هڪ انوکو مثال آهي. اهو خلوص، لڳاءُ، جذبن ۽ محنتن جو هڪ لڳاتار سفر آهي، جيڪو اڃا تائين جاري آهي. انهيءَ ايڏي وڏي ۽ اڻانگي سفر ۾ سنڌي عالم، اديب، شاعر ۽ محقق "نئين زندگي" جا ساٿي ۽ ساٿي رهيا آهن. جن مان گهڻا هيستائين راهه رباني وٺي چڪا آهن، پر اهو قدرت جو دستور آهي، هڪڙا وڃن ٿا ۽ ٻيا اچن ٿا، پر نئين زندگي جو سفر جاري ۽ ساري آهي." (13)

"نئين زندگي" جڻ سنڌ جي عالمن اديبن ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو، تنهن کي "نئين زندگي" ڀرپور نموني پرڻ

جي ڪوشش ڪئي ۽ سندس اها ڪوشش ڪامياب وئي.

**فنڪار:**

هي رسالو 1949ع کان نڪرڻ لڳو. رسالي جو چيف ايڊيٽر عنايت الله عباسي "فگار" ۽ ايڊيٽر خواجه قلب علي هو. هي رنگين تصويرن وارو فلمي رسالو هو. ان کانسواءِ هن ۾ علمي ۽ ادبي مضمون به شايع ٿيندا هئا.

**مبلغ:**

هي ماهوار رسالو مولوي عبدالحق رباني دارالعلوم عربيه حيدرآباد مان جنوري 1950ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. مولوي عبدالحق رباني ڪجهه وقت کان پوءِ ميرپور خاص لڏي ويو. ته رسالو به 1954ع کان اتان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌ جي ماڻهن جي مذهبي حالت ۽ اخلاق سڌارڻ لاءِ ڪڍيو ويو. جيتوڻيڪ هي هڪ مذهبي رسالو هو. پر ان سان گڏوگڏ هن رسالي ۾ ملڪي خبرون ۽ عام معلومات پڻ ڏني ويندي هئي. هي رسالو مولوي عبدالحق جي قائم ڪيل "رباني پرنٽنگ پريس" مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو هو.

**فردوس:**

هي رسالو هالائوان مان نومبر 1950ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو انجمن علم و ادب هالا جي پاران مخدوم طالب المولىٰ جي سرپرستيءَ هيٺ نڪرندو هو. هن رسالي جو ايڊيٽر انجم هالائي، قاضي عبدالحي "سليم" هالائي ۽ اي-ايچ-فيروز اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا. هي هڪ اعلىٰ معيار جو علمي، ادبي ۽ فلمي رسالو هو. هن رسالي پاران ڪيترا نمبر به شايع ڪيا ويا. جن ۾ خاص طور تي "عورت نمبر"، "شاعر نمبر" ۽ "نوح نمبر" ذڪر جوڳا آهن. هن رسالي به پنهنجي دور ۾ سنڌي ادب جي سٺي خدمت ڪئي.

**ياد لطيف ۽ لطيف سالگره مخزن:**

هي مخزن مختلف وقتن ۾ مختلف نالن سان ساليانو ڀٽ شاهه ثقافتي

مرڪز پاران نڪرندو رهيو. سن 1953ع ۾ جيڪو مخزن "ياد لطيف" جي نالي سان نڪتو ان جو ايڊيٽر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هو. هن مخزن جي اشاعت وقت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجا ويچار مخزن جي ديباچي ۾ ڪجهه هن ريت پيش ڪيا آهن: "ياد لطيف ۾ انهن مضمونن ۽ نظمن جو انتخاب شامل ڪيو ويو آهي، جي شاهه جي پوين ٻن ورسين جي موقعي تي ڀٽ شاهه تي پڙهيا ويا هئا. "ياد لطيف" جي ڇپائي فقط پوين ويهن ڏينهن ۾ نيڻ نچوئي پوري ڪئي وئي آهي." (14)

## لطيف سالگره مخزن:

هي مخزن ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي پاران ٻه سؤ ڏهين ۽ ٻارهين ورسي تي جون 1964ع تي شايع ڪيو ويو. ان مخزن کي مرتب ڪندڙ سنڌ جو تمام وڏو ڏاهو ۽ شاهه جو پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. هن مخزن ۾ شاهه لطيف سالگره جشن ٻه سو ڏهين ورسي جو سمورو احوال درج آهي، جيڪو هاڻي سنڌ جي تاريخ جو اهم حصو بڻجي ويو آهي. هن مخزن ۾ مختلف نثر نگارن، محققن ۽ دانشورن جا مضمون شايع ڪيا ويا آهن.

مٿي ذڪر ڪيل مخزنن ڪانپوءِ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پيش ٿيل مقالن کي مختلف عنوانن سان مرتب ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو.

## گلستان:

هي ماهوار رسالو "بزم گلستان" پاران 1953ع کان دينو جو پڙ حيدرآباد مان نڪتو. مقبول احمد ڀٽي ۽ غلام مرتضيٰ ڀٽي هن رسالي جا ايڊيٽر هئا. هي ماهوار رسالو ٻارن جي ذهني نشوونما لاءِ ڪڍيو ويو، جيڪو تعليم کاتي پاران اسڪولي ٻارن لاءِ منظور ڪيل هو. ڪجهه وقت نڪري وري بند ٿي ويو ۽ وري جنوري 1956ع کان نڪرڻ لڳو. ٻاراڻي ادب جو اعليٰ پايي جو رسالو هو. هن رسالي ۾ بهترين آکاڻيون، ٻاراڻي شاعري ۽ معلوماتي ادب شايع ڪيو ويندو هو.

**روح ادب:**

هي ماهوار رسالو "اداره روح ادب" حيدرآباد پاران 1954ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن اداري ۽ رسالي جو اعليٰ نگران مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ هو. هن رسالي جو پهريون ايڊيٽر سنڌ جو جهونو اديب ۽ صحافي مرحوم محمد خان غني هو. هن رسالي جو پهريون پرچو آڪٽوبر 1954ع ۾ نڪتو. هن رسالي جا ڪل صفحا 50 ۽ ساليانو چندو ڏهه رپيا مقرر ڪيو ويو هو. "روح ادب" جا ڪل چار پرچا نڪتا. مرحوم محمد خان غني جي ايڊيٽري هيٺ هي رسالو ڪافي مقبول ٿيو. پر پوءِ سرپرست ۽ ايڊيٽر وچ ۾ اٽڪٽ سبب رسالو بند ٿي ويو.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، سنڌ ۾ خاص طور تي علم و ادب، تعليم ۽ موسيقي جي جيڪا سربرستي ڪئي، سا ڪنهن کان ڳجهي نه آهي. رسالو "روح ادب" به سندن انهيءَ ذوق جي عڪاسي ڪري ٿو.

**ادا:**

هي رسالو مرحوم عبدالمالڪ "ادا" جي ياد ۾ جولاءِ 1955ع کان پهريان پندره روزه ۽ پوءِ ماهوار نڪرڻ شروع ٿيو. رسالي جو پهريون ايڊيٽر گل محمد چنو ۽ سب ايڊيٽر منير احمد مگسي هو. هن رسالي جا مکيه مول متا هئا: شاگردن جي ڀلائي، اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو پرچار ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو واڌارو. هن رسالي ۾ ادبي، تعليمي، سياسي، سماجي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو نواب شاهه مان نڪرندو هو.

**شاعر:**

هي ماهوار رسالو به ماهي جون جولاءِ 1956ع امين منزل حيدرآباد مان شايع ڪيو ويو. هي رسالو مخدوم طالب المولیٰ جي سرپرستيءَ ۾ نڪتو. هن رسالي جي جاري ٿيڻ سان مخدوم صاحب جن جو موسيقي ڏانهن دلي لاڙو ظاهر ٿئي ٿو. هن جو پهريون پرچو "موسيقي نمبر" ئي نڪتو. هن رسالي جو ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي هو. جنهن "شاعر" جا چار پرچا ڪڍيا. ان ڪانپوءِ انتظامي تبديليون ٿيون ۽ حافظ شاهه

ناطق حسيني ايڊيٽر ٿيو. روح ادب وانگر شاعر بہ پنجن اشاعتن کانپوءِ بند ٿي ويو. جلد نمبر 1 جون جولاءِ 1956 ع جي شماري ۾ موسيقي بابت تمام شايع ٿيا، جيڪي سنڌ جي ناميارن محققن جي تحقيق ۽ تحرير هئا. جهڙوڪ علامہ آءِ آءِ قاضي جو "موسيقي"، اڌارام آسراڻي جو "راڳ وديا" ۽ اداري پاران "اسان جا ساز ۽ راڳ" نهايت اهم مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا هئا.

## مارئي:

هي رسالو مرحومہ بيگم زينت عبدالله چنا جي سرپرستيءَ هيٺ فيبروري 1957ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. جيڪو سنڌي عورتن لاءِ حقيقت ۾ نڪرندڙ پهريون ماهوار رسالو هو جنهن سنڌي عورتن ۾ علمي، ادبي ۽ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. رسالو چار پنج سال ڪاميابيءَ سان هليو پر پوءِ اطلاعات کاتي جي اٽڪل جي ڪري بند ٿي ويو. وري 1970ع ۾ وڏي سائيز ۾ هفتيوار ٿي نڪتو پر سگهوئي مالي مشڪلاتن جي ڪري بند ٿي ويو. هي هڪ مڪمل ادبي رسالو هو، جيڪو سنڌ جي پڙهيل سنڌي عورتن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو.

## گل ڦل:

هي رسالو سنڌي ادبي بورڊ پاران جنوري 1959ع کان ٻارن لاءِ شروع ٿيو. شروعات ۾ غلام رباني آگرو هن رسالي جو ايڊيٽر هو. ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ هن رسالي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. هن رسالي ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جو علمي، ادبي، اخلاقي ۽ معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. ڪيترا سال لڳاتار نڪري 1966ع ۾ بند ٿي ويو ۽ وري عوام جي بيحد اصرار تي جنوري 1974ع کان ٻيهر نڪرڻ شروع ٿيو. ۽ ان وقت کان وٺي باقاعدگيءَ سان نڪرندو رهي ٿو.

## روح رهاڻ:

هي رسالو "زندگي پبليڪيشن" پاران اپريل 1962ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. زندگي پبليڪيشن کي حميد سنڌي قائم ڪيو. هن رسالي جو ايڊيٽر حميد سنڌي هو.

هن رسالي حيدرآباد شهر ۽ سنڌ جي ادبي دنيا ۾ سني هلچل پيدا ڪئي ۽ وقت جو مقبول رسالو هو. حميد سنڌي پنهنجي دور جو منفرد ڪهاڻيڪار آهي، پر سنڌي ادب ۾ سندس وڏي خدمت "روح رهاڻ" جهڙو ماهوار رسالو سنڌواسين کي ڏيڻ آهي. حميد سنڌي زندگي پبليڪيشن جو بنياد رکيو، جنهن ذريعي پنهنجي مجموعي "سيمي" ۽ "اداس واديون"، ناصر مورائي جو "راتيون جاڳن جي"، جمال ابڙي جو "پشو پاشا" ۽ غلام رباني آگري جو "آب حيات" شايع ڪيائين.

"حميد نہ فقط "روح رهاڻ" ۾ پنهنجي دور جا بهترين افسانا شايع ڪيا، پر "روح رهاڻ" جي ذريعي ڪيترائي نوان ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا، جيڪي اڄڪلھ ادبي آسمان تي جڳمڳ جرڪي رهيا آهن. انهن ۾ امر جليل، عبدالقادر جوڻيجو، نسيم کرل، شوڪت شورو، غلام نبي مغل، سراج، علي بابا، رشيده حجاب اچي وڃن ٿا." (15)

"روح رهاڻ" ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندي نظر آيو، جنهن جي عڪاسي ايڊيٽر حميد سنڌي جي هن رهاڻ مان ٿي رهي آهي: "اڄ اها زمين ۽ ان جي زبان هڪ اهم مسئلو آهي. اسان ان مسئلي لاءِ اڄ هڪ اجتماعي طاقت سان ڀرپور نگاھ وڌي آهي، جو احساس جاڳيو آهي. اسان اڄ وڙندا ٿا هلون، جو ضمير جاڳيو آهي. اسان اڄ سوچيندا ٿا هلون، جو ذهن جاڳيو آهي. اسان اڄ روشنيءَ لاءِ ٿا واجهايون، جو انسان جاڳيو آهي. اهو انسان جنهن جو جياپو سندس وجود جي ميجوتيءَ، سندس زبان جي ميجوتيءَ، سندس رسمن رواجن جي ميجوتيءَ ۽ سندس ذهن جي ميجوتيءَ ۾ آهي.

هن سڄي سجاڳيءَ ۾ اسان جي اديبن جيڪي رت ولوڙيو آهي، زبان ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، اهو سڀ توهان جي آڏو موجود آهي. ڍگ ڪتاب، ڪيترائي ڪتابي سلسلا ڪيترائي رسالا ۽ ڪيترا ادارا آهن، جيڪي هن سجاڳيءَ جو وڏو اهڃاڻ آهن.

"روح رهاڻ" انهيءَ سجاڳيءَ، انهي جياپي، انهي حياتيءَ ۽ انهيءَ روشني جي هڪ ڪڙي آهي." (16)

مٿي ڏنل حوالي مان چڱيءَ ريت اها پروڙ پوي ٿي تہ "روح رهاڻ" سنڌي ادب ۾ مزاحمتي تحريڪ جي حوالي سان ڪنهن کان بہ پوئتي نہ رهيو آهي.

روح رهاڻ پنهنجي پڙهندڙن ۾ ڪيتريقدر مقبول ۽ وڻندڙ هو. ان بابت "روح رهاڻ" ۾ شامل پڙهندڙن جي خطن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ماهوار "روح رهاڻ" حيدرآباد فيبروري 1968ع جي پرچي مان هڪ خط جون چند سٽون هت ڏجن ٿيون:
"گذريل ٽن چئن مهينن کان تنهنجو ماهوار رسالو "روح رهاڻ" دل لائي پڙهندو آهيان ۽ پڙهي دل کي هڪ قسم جي خوشي ۽ فرحت ايندي آهي. انهي ڏينهن ڪنهن پرديسي دوست مون کان خط رستي پڇيو ته سنڌ ۾ سنڌي ادبي رسالا ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ لکيو مانس ته فقط "روح رهاڻ" ته واحد سنڌي رسالو آهي". (17)

### اديون:

هي رسالو مرحوم شمس العلماءُ عمرين محمد دائود پوٽي جي ياد ۾ جون 1965ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. بيگم خديجه خانم دائود پوٽو هن رسالي جي روح روان ۽ ايڊيٽر هئي. هن رسالي سنڌي ادب جي شاندار خدمت ڪئي آهي، هن رسالي سنڌي زالن جي ڀلائي، بهبوديءَ ۽ سجاڳيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هي رسالو سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي پاران منظور ٿيل هو. سن 1978ع کان هي رسالو محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي زير اهتمام نڪري رهيو آهي.
"هن رسالي جي مقبول ٿيڻ جا قوي امڪان پيا ڏسجن. مئي جي پرچي تي گذيل سڏيل رايا مليا آهن. گذريل پرچي جي سٺاءَ کي اعليٰ تعليم يافته ۽ دانشور طبقي بهرحال پسند ڪيو آهي." (18)
هن رسالي جي وسيلي تمام سٺيون ليکڪائون ۽ شاعر عورتون سنڌي ادب ۾ سامهون آيون، جن سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي ۽ جن مان اڄا تائين ڪجهه عورتون ڪم ڪري رهيون آهن. جهڙوڪ : ڊاڪٽر فهميده حسين، سلطانه وقاصي، شبنم گل، شبنم موتي، تنوير جوڻيجو ۽ ٻيا ڪيترا نالا ذڪر جوڳا آهن. هي رسالو عورتن لاءِ سنڌي ۾ واقعي معياري رسالو ثابت ٿيو.

### سنڌي ڊائجسٽ:

هي ماهوار باتصوير ڊائجسٽ ڪائنات پبليڪيشن حيدرآباد پاران 1967-

1968ع کان نڪتو. هن رسالي جو ايڊيٽر محمد بخش جوهر هو. هن ڊائجسٽ ۾ عام ادبي رسالن وانگر ادبي، معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. هي ڊائجسٽ 1974ع تائين محمد بخش جوهر ڪڍندو رهيو. سال 1975ع کان هن ڊائجسٽ جو نئون دور شروع ٿيو. جڏهن هي رسالو محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي پاران نڪرڻ لڳو. 1975ع کان هي رسالو ادبي ۽ مذهبي ٿي نڪتو. اڳيان هلي هن رسالي کي ايوب انصاري، مشتاق احمد پناهڻ ۽ جي – ايچ حيدري سنڀاليو.

**سهڻي:**

سن 1958ع ڌاري طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل "اداره ادب نو" نالي هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪيو. هن اداري سٺا ادبي ڪتاب شايع ڪيا. 1966ع ۾ هن اداري پاران سهڻي ڪتابي سلسلو جاري ٿيو. 1968ع ۾ سهڻي پبليڪيشن قائم ٿي ۽ 1970ع تائين ان جا ڇهه ڪتاب نڪتا. 1970ع کان سهڻي پبليڪيشن پاران ماهوار سهڻي ڇپجڻ شروع ٿيو جيڪو مئي 1975ع تائين باقاعدگيءَ سان نڪرندو رهيو. وري 1977ع کان سهڻي پبليڪيشن پاران ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. سهڻي ڪتابي سلسلي يا ماهوار سهڻي کي سنڌي ادب ۾ خاص مقام حاصل آهي. هن رسالي سنڌي ادب جي شاندار خدمت ڪئي آهي. سهڻي جو "امر جليل نمبر" ۽ "نسيم کرل نمبر" ڪنهن کان به نه وسريا هوندا. سيد مظهر جميل پنهنجي ڪتاب "جديد سندھي ادب: ميلانات، رجحانات، امڪانات" ۾ طارق اشرف ۽ سهڻي رسالي بابت لکي ٿو:

طارق اشرف بھی جدید افسانے میں اپنی جداگانہ شناخت رکھتے ہیں۔ انھوں نے سوہنی رسالے اور ادب نو جیسے اداروں کے ذریعے جدید سندھی ادب خصوصاً سندھی افسانے کی ترقی، توسیع اور ترویج کے لئے بہت کام کیا ہے۔ لیکن ایک تخلیقی فنکار کی حیثیت سے بھی وہ ایک منفرد مقام رکھتے ہیں۔ (19)

**سوجهرو:**

هي رسالو دادا مهتاڻي آڪٽوبر 1976ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. گل بانو سلطان هن رسالي جي ايڊيٽر هئي ۽ فهميده ميمڻ، نرگس هوديائي ۽ سحر امداد سندس

پانهن پيلي هيون. انهن ڪانسواءِ تاج بلوچ ۽ قربان جعفري جو رسالي سان ساٿ ۽ سهڪار هو. هي پنهنجي وقت جو مشهور ۽ مقبول رسالو هو. هن رسالي ۾ معياري لکڻيون شايع ڪيون وينديون هيون.

**ماروئڙا:**

هي ماهوار رسالو مارچ 1973ع کان نڪتو. هي رسالو هاري ۽ مزدور جو ترجمان هو. هن رسالي ۾ ترقي پسند ۽ قوم پرست ادبي، سياسي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو.

هي رسالو قوم پرستيءَ واري سياست سان دلچسپي رکندڙن جو محور ۽ مرڪز هو. لالا قادر، اين چنا "نياز"، شيخ اياز، وفاپلي، ساجده صديقي، دليپ ڪمار، مقبول شمسي، امداد حسيني، غلام نبي مغل ۽ ظفر ڪاظمي وغيره هن رسالي سان لاڳاپيل رهيا. هي رسالو پنهنجي خاص پڙهندڙن ۾ نهايت مقبول ٿيو.

**پيغام:**

هي رسالو حڪومت سنڌ جي اطلاعات کاتي پاران مئي 1974ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي باتصور علمي، ادبي ۽ تحقيقي رسالو آهي. حڪومت سنڌ جي سنڌ سماءَ کاتي جو سيڪريٽري ان رسالي جو سرپرست اعليٰ هوندو آهي. ايڊيٽر جي عهدي تي مختلف نالا ملن ٿا: جن مان عبدالحليم شيخ، ڪريم بخش خالد ۽ آفتاب ابڙو جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

پيغام رسالو توڙي جو سرڪاري رسالو آهي، تنهن هوندي به سنڌي ادب جي خدمت ڪرڻ ۾ ٻئي ڪنهن به رسالي کان پوئتي نه رهيو آهي. وقت جي وڏن عالمن، ڏاهن، ليکڪن، اديبن ۽ شاعرن جا ليک پيغام جي اشاعت ۾ شامل رهيا آهن.

**رهبر ڊائجسٽ:**

هي ماهوار رسالو آگسٽ 1970ع کان حيدرآباد مان نڪتو. هن رسالي جو چيف ايڊيٽر اي. ڊي وساڻ ۽ ايڊيٽر عابد لغاري رهيو. هي ڊائجسٽ ادبي ڊائجسٽ هو.

ان سان گڏوگڏ هن ۾ علمي ۽ معلوماتي مواد بہ شايع ڪيو ويندو هو. هي رسالو ڪجھ وقت بند ٿي وري نڪتو. هن ڊائجسٽ لاءِ امر جليل بہ ڪهاڻيون لکيون. هي ڊائجسٽ پنهنجي ادبي معيار جي ڪري پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيو.

## سنڌي ادب:

هي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ معلوماتي جرنل 1976ع کان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران نڪتو. هن جرنل جي ايڊيٽوريل بورڊ جو چيئرمين هميشہ يونيورسٽيءَ جو موجود وائيس چانسلر هوندو آهي ۽ ميمبرن ۾ سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي جو هڪ سينئر پروفيسر ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي جو ڊائريڪٽر هوندا آهن. هن جرنل جو ايڊيٽر هميشہ سنڌي ادب جو مجيل ليکڪ، ڏاهو ۽ محقق هوندو آهي. هي جرنل باقاعدگيءَ سان نہ نڪري سگهيو آهي، پر هن جا جيڪي پرچا آيا آهن انهن ۾ اعلىٰ معيار جا علمي، ادبي، تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا ۽ مضمون شايع ٿيا آهن.

هن جرنل ۾ موضوع جي خاص پابندي نہ آهي، رڳو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي هن ۾ مضمون ۽ مقالا شايع نہ ٿيندا هئا بلڪ ملڪي ۽ بين الاقوامي سياست، اسلامي تاريخ، ڏيهي ۽ پرڏيهي اقتصادي حالتون ملڪ جي معيشت ۽ سماجيات ۽ علم طب تي ٺڪيل ليک شايع ڪيا ويا آهن. هن جرنل جي ليکڪن ۾ سنڌ جي برک عالمن، ڏاهن ۽ محققن جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

اڳتي هلي هن جرنل ۾ شاعريءَ کي شامل ڪيو ويو، جڏهن تہ شاعرن کي پنهنجي جذبن جي اظهار لاءِ هڪ ذريعو ملي ويو. وقت جي بهترين شاعرن جو ڪلام هڪ رسالي ۾ ڇپجي ٿو. ڇهماهي "سنڌي ادب" علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تنقيدي ادب سان گڏوگڏ تخليقي ادب کي بہ اهميت ڏني ۽ ان لاءِ شاعري ۽ ڪهاڻيون شايع ڪيون ويون. ان بابت ولي رام ولڀ "پنهنجي پاران" ۾ لکي ٿو: "سنڌي ادب" ۾ اسان جن موضوعن کي پيش ڪندا رهيا آهيون، انهن ڪنهن حد تائين شاگردن، استادن ۽ تحقيق ۾ دلچسپي رکندڙ اسڪالرن جي ضرورت پوري پئي ڪئي آهي پر منجهس تخليقي ادب (Creative Literature) شامل نہ هئڻ ڪري هڪ طرف تخليق ڪارن

(Creative Writers) ۽ عام پڙهندڙن لاءِ منجهس دلچسپي نه رهي آهي ته ٻئي طرف تخليقي ادب سرجڻ ۾ اهو ڪردار ادا نه ڪري سگهيو آهي، جيڪو هڪ ادبي Periodical کي ڪرڻ گهرجي.

تخليقي ادب جنهن ۾ فڪشن، ناٽڪ ۽ شاعري اچي وڃن ٿا. ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب جو سڀ کان اهم ۽ متاهون حصو هوندو آهي، جنهن کان ڪڏهن به اک ٻوٽ نٿي ڪري سگهجي، اسان تخلقيقي ادب جي اهميت کي ڄاڻندي، ان کي "سنڌي ادب" ۾ جوڳي جاءِ ڏيڻ چاهيون ٿا." (20)

مٿي ڏنل حوالي مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته "سنڌي ادب" کي جرنل واري دائري مان ڪڍي عام ادبي رسالو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

## ڪينجهر تحقيقي جرنل:

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ جي مادر علمي آهي. سنڌ يونيورسٽي تعليم ۽ تحقيق جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌي شعبو پنهنجي پراڻن قدرن ۽ جديد خيالن سان قائم آهي ۽ کوجنائي حوالي سان پنهنجي حيثيت قائم ۽ دائم رکي آهي. هن شعبي جي قائم ٿيڻ کان وٺي مختلف سالن ۾ تحقيقي مخزن ۽ جرنل شايع ٿيندا رهيا آهن. جن جو وچور هن ريت آهي:

1. سنڌي صحيفو (1962ع)
2. سوڪڙي (1964ع)
3. سوغات (1966ع)
4. پورب (1970ع)
5. پرک (1977ع)

سنڌي شعبي جي، استادن ذڪر ڪيل مخزنن ۾ نه رڳو پاڻ علمي، ادبي ۽ کوجنائي مقالا لکيا، پر پنهنجي شاگردن کي به اهو موقعو ڏنو ته اهي پنهنجي تخليقي ۽ تحقيقي ڪاوشن کي عام تائين پهچائن.

سنڌي شعبي پاران "ڪينجهر" تحقيقي جرنل شايع ڪرڻ به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

هن مخزن بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: ”ڪينجهر اسان جو پهريون جرنل آهي، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ تحقيقي جرنل چئي سگهجي ٿو. ڇو جو هن ۾ شعر ۽ افسانا يا ڪا ٻي صنف شامل ڪيل نہ آهي ۽ فقط تحقيقي مقالا ڏنا ويا آهن.“ (21)

اهڙيءَ ريت ”ڪينجهر“ تحقيقي جرنل 1987ع کان شايع ٿيڻ شروع ٿيو ۽ موجوده وقت ۾ بہ نڪري رهيو آهي. هن پهرئين شماري جو نگران اعليٰ مظهر الحق صديقي وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ايڊيٽر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو چيئرمين سنڌي شعبو هو. سنڌس سهڪاري ساٿي هدايت پريم هو.

پهرين شماري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، قاضي خادم، نورافروز خواجہ، سحر امداد، قاسم ٻگهيو، هدايت پريم، ڊاڪٽر قمر جهان مرزا جا مقالا ۽ مضمون شامل هئا.

ڪينجهر جو ٻيو ۽ ٽيون شمارو شايع ٿيو، جنهن جو ايڊيٽوريل بورڊ ساڳيو ئي رهيو. 1990ع ۾ ڪينجهر جو چوٿون شمارو شايع ٿيو. هن شماري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سان گڏ ڊاڪٽر قاضي خادم سهڪار ڪيو ۽ ڪينجهر تحقيقي جرنل کي سهيڙڻ جو ڪم ڪيو. هن شماري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي (قديم سنڌي شعر جو مطالعو)، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ (شاهہ جي ڪلام ۾ رنگن جو مقصد) ڊاڪٽر قاضي خادم (سنڌي خاڪا نويسيءَ جي ارتقا)، عبدالقيوم صائب (عزيز جي مضمون نويسي)، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر (سام جهلڻ هڪ سنڌي ريت)، هدايت پريم (ڊاڪٽر ٽرمپ جون سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتون)، نورافروز خواجہ (شاهہ ڪريم جو شاهہ لطيف تي اثر)، سحر امداد (تنوير عباسي جي پنهنجي اصل ڏانهن مراجعت)، اهڙي ريت 1990ع کانپوءِ پنجون شمارو 1993ع ۾ نڪتو. جنهن جو نگران اعليٰ ڊاڪٽر غلام علي الانا وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي، نگران ايڊيٽر ڊاڪٽر قاضي خادم، ايڊيٽر هدايت پريم ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هئا. هي شمارو ٻن سالن جي غير حاضريءَ کان پوءِ شايع ٿيو.

سنڌي شعبي جو تحقيقي جرنل ”ڪينجهر“ پنهنجي هڪ جداگانہ حيثيت

رکي ٿو. ڪو وقت هو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ هي واحد جرنل هو. پر بعد ۾ جولاءِ 1991ع کان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جي سنڌي شعبي پاران "ڀٽائي" تحقيقي جرنل شايع ٿيو. جنهن سنڌ جي ڏاهن ۽ عالمن لاءِ هڪ نئون در کوليو ته اهي پنهنجي کوجنائي ڪاوشون ۽ ڪوششون "ڀٽائي" تحقيقي جرنل ۾ شايع ڪرائي سگهن. اهڙيءَ ريت سنڌ جي انهن ٻنهي اعليٰ تعليمي ۽ کوجنائي ادارن ۾ ڇتاڀيٽيءَ جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿي ويو. ٻنهي تحقيقي جرنلن علمي ۽ ادبي حلقي ۾ پنهنجي ڪم تي مڃتا ماڻي.

ڪينجهر جو يارهون شمارو 2005ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جي ايڊيٽوريل بورڊ جي جوڙجڪ ڪجهه هن ريت هئي:

| | |
|---|---|
| **سرپرست اعليٰ:** | مظهر الحق صديقي<br>وائيس چانسلر<br>سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو |
| **سرپرست:** | پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم<br>ڊين فيلڪلٽي آف آرٽس |
| **نگران ايڊيٽر:** | ڊاڪٽر هدايت پريم |
| **ايڊيٽر:** | پروفيسر ڊاڪٽر نورافروز خواجه<br>ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو |

هن جرنل کي مواد جي اعتبار کان ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو. پهريون ڀاڱو محترم جمال ابڙو ڪارنر آهي. هن ڪارنر ۾ سندس زندگي، سندس لکيل افسانن ۽ مضمونن بابت مواد شامل ڪيل آهي.

ٻيو ڀاڱو سنڌي شعبي پاران "ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي ادب ۾ سنڌي اديب جو ڪردار" واري موضوع تي سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن عالمن، اديبن ۽ استادن پنهنجا مقالا پيش ڪيا هئا. اهي سڀ مقالا هن ڀاڱي ۾ شايع ڪيا ويا آهن.

ٽئين ڀاڱي ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن، سنڌي ادب جي استادن ۽ سنڌي شعبي

جي شاگردن جا مختلف موضوعن تي لکيل مقالا شامل ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ علمي ادبي، تخليقي ۽ تحقيقي مضمون شامل آهي.

"ڪينجهر" تحقيقي جرنل سنڌي ادب جي ڪوجنائي ڪيتر ۾ پنهنجون خدمتون جاري رکندو اچي پيو.

**ڀٽائي تحقيقي جرنل:**

شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي سنڌ جو اهم تعليمي ادارو آهي. هي ادارو پهرئين سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس طور ڪم ڪندو هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي ۾ 1990ع ۾ سنڌي شعبو قائم ٿيو. سنڌي شعبي قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر محمد ابراهيم شاهه بخاري وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي "ڀٽائي" تحقيقي جرنل جي منظوري ڏني هئي، پر "ڀٽائي" تحقيقي جرنل جو پهريون شمارو وائيس چانسلر حميد سنڌيءَ جي دور ۾ جولاءِ 1991ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

هن تحقيقي جرنل جو نگران اعليٰ وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي حميد سنڌي ۽ نگران پروفيسر رسول بخش شيخ هو. جڏهن ته ايڊيٽوريل بورڊ ۾ ملڪ نديم ۽ اياز گل شامل هئا. پهرين شماري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، ملڪ نديم، محمد علي حداد، ادل سومري، اياز گل، ايس سيوهاڻي، ارشاد سومرو ۽ قاسم ملڪ جا مقالا ۽ مضمون شامل هئا.

ڀٽائي تحقيقي جرنل جو ٻيو شمارو جولاءِ 1992ع ۾ پڌرو ٿيو، جنهن جو ايڊيٽوريل بورڊ، ساڳيو پهرين شماري وارو رهيو. ان جي ۾ به سنڌ جي ناميارن ليکڪن ۽ ڏاهن جا مضمون ۽ مقالا شامل هئا. انهن مان ڪجهه ليکڪ هي هئا: ڊاڪٽر تنوير عباسي، حميد سنڌي، ملڪ نديم، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، هدايت پريم، ملڪ نديم، پروفيسر غلام احمد بدوي، ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي، پروفيسر مظهر علي قريشي ۽ فرزانه شاهين. ڀٽائي تحقيقي جرنل جو ٽيون شمارو آگسٽ 1994ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ جرنل جو ايڊيٽوريل بورڊ ساڳيو ٻئي شماري وارو رهيو. انهي جرنل ۾ سنڌ جي ناميارن ليکڪن پنهنجي

ڪوجنائي مقالن کي پيش ڪيو، جن مان ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر عزيز الله ميمڻ، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، پروفيسر سليم ميمڻ، ڊاڪٽر بشير احمد شاد جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

"ڀٽائي" تحقيقي جرنل جو چوٿون شمارو بہ نومبر 1994ع ۾ شايع ٿيو. ان جو ايڊيٽوريل بورڊ پڻ ساڳيو رهيو. ان شماري جا ليکڪ هي هئا: انتظار چلگري، ابراهيم ڪرل، حميد سبزوئي، ملڪ نديم ۽ ٻيا شامل آهن.

نومبر 1995ع ۾ ڀٽائي تحقيقي جرنل جو پنجون شمارو شايع ڪيو ويو. ان شماري جو بہ ايڊيٽوريل بورڊ ساڳيو ئي رهيو. هن شماري جي ليکڪن ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم، ملڪ نديم، بدر ڌامراهو، ڊاڪٽر ادل سومرو، ڊاڪٽر سڏايو جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

ڀٽائي تحقيقي جرنل جي ڇهين شماري جي ايڊيٽوريل بورڊ جي جوڙجڪ ڪجهہ هن ريت رهي:

**نگران اعليٰ:** ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ وائيس چانسلر
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي

**نگران:** پروفيسر عبدالله قلپوٽو

**ايڊيٽوريل بورڊ:** ڊاڪٽر ملڪ نديم
اياز گل
ڊاڪٽر ادل سومرو
برڪت بلوچ

هن شماري ۾ جن اديبن ۽ عالمن جا مضمون ۽ مقالا شامل ڪيا ويا، انهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، ڊاڪٽر ملڪ نديم، بيدل مسرور ۽ احسان دانش جا نالا ذڪر جوڳا آهن. هي شمارو سال 1999ع جي آڪٽوبر ۾ نڪتو.

ڀٽائي تحقيقي جرنل جو ستون شمارو "تنوير عباسي نمبر" هو. هن شماري جو ايڊيٽوريل بورڊ شماري ڇهين وارو ساڳيو هو پر ان ۾ هڪ نالو وڌيڪ شامل ٿيو: زاهده

پروين مري. هي شمارو چاڪاڻ تہ "تنوير عباسي نمبر" هو تنهنڪري هن شماري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي فن فڪر ۽ سوانح حيات تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

هن شماري ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ، ڊاڪٽر هدايت پريم، مونس اياز، اياز گل، اعجاز قريشي، انور فگار هڪڙو ۽ ٻين جا مقالا شامل آهن. "ڀٽائي" جو ائون شمارو سال 2006ع ۾ شيخ اياز نمبر" طور شايع ٿيو. انهي شماري ۾ رسول بخش پليجي، سوڀي گيانچندائي، سراج الحق ميمڻ، تاجل بيوس، ڊاڪٽر ملڪ نديم، نصير مرزا، مقصود گل ۽ ٻين جون معياري لکڻيون شامل آهن.

مجموعي طور تي ڏٺو وڃي تہ "ڀٽائي" تحقيقي جرنل هڪ معياري جرنل آهي، جنهن مان ڪوجناڪندڙن ۽ عالمن ڪافي لاڀ پرايو آهي ۽ وڌيڪ لاڀ پرائي سگهن ٿا. مختلف موضوعن تي لکيل مختلف ناليوارن محققن جا تحقيقي مقالا نهايت جامع ۽ اعليٰ معيار جا آهن.

هائٽي هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي هدايتن جي روشنيءَ ۾ ڀٽائي تحقيقي جرنل جو نئون ايڊيٽوريل بورڊ هن ريت جوڙيو ويو آهي:

**SHAH ABDUL LATIF UNIVERSITY, KHAIRPUR**
**DEPARTMENT OF SINDHI**
**<u>Bhittaee Research Journal</u>**

Chief Patron:
Professor Dr.Nilofer Shaikh
Vice Chancellor

Partron:
Professor Dr. Muhammad Nawaz Chand Dean,
Faculty of Arts and Social Sciences

Editor:
Dr.Adal Soomro

Assitant Editors:
Mr. Ayaz Gul
Mr. Barkat Balouch
Mrs.Zahida Mari

Department of Sindhi
National\International Editorial Advisory Board.

1. Prof.: Dr Baldav Matlani
Chairman,
Departmet of Sindhi, University of Mumbai, India.

2. Dr. Moti Parkash
Director,
Indian Instiute of Sindhology Adipur (Kutch) India.

3. Prof: Dr.Fahmida Hussain
Chairperson,
Sindhi Language Authority Hyderabad.

4. Prof: Dr Noor Afroz Khuwaja
Chairperson,
Department of Sindhi, University of Sindh, Jamshoro.

هن نئين جوڙيل ايڊيٽوريل بورڊ مان اها پروڙ چڱيءَ ريت ملي ٿي تہ ڀٽائي جرنل آئيندي اجا وڌيڪ ڀرپور ۽ معياري صورت ۾ شايع ٿيندو.

**ڪلاچي تحقيقي جرنل:**

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبي پاران "ڪلاچي" تحقيقي جرنل پڌرو ڪيو ويو. ان تحقيقي جرنل جي پڌرائيءَ بابت "ايڊوائزري ڪميٽي آف شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي 18 جون 1997ع تي هڪ ميٽنگ ٿي جنهن ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران هڪ تماهي تحقيقي جرنل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ شايع ڪيو ويندو." (22)

ايڊيٽوريل بورڊ هينئن ليکڪن، دانشورن ۽ ڏاهن تي ٻڌل هو:

پروفيسر ڊاڪٽر پيرزاده قاسم رضا صديقي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

مسٽر سراج الحق ميمڻ

ڊاڪٽر محمد علي صديقي

پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري

پروفيسر محمد سليم ميمڻ

ڪلاچي تحقيقي جرنل جو پهريون شمارو جڏهن پڌرو ڪيو ويو ته ان وقت ايڊيٽوريل بورڊ ۾ ڪجهه ڦيرگهير ٿي. ڇاڪاڻ جو وائيس چانسلر مٽجي ويو ۽ ڊاڪٽر اياز حسين قادري صاحب هن فاني دنيا کي ڇڏي ويا.

پهرئين شماري جو ايڊيٽوريل بورڊ ڪجهه هن ريت جڙيو:

| | | |
|---|---|---|
| (1) | ڊاڪٽر ظفر. ايڇ. زيدي (وائيس چانسلر) | سرپرست |
| (2) | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ميمبر |
| (3) | جناب سراج الحق ميمڻ | ميمبر |
| (4) | ڊاڪٽر محمد علي صديقي | ميمبر |
| (5) | جناب محمد سليم ميمڻ | ميمبر |

دنيا جي يونيورسٽين ۾ قائم ڪوجنائي ادارا ۽ شعبا يا چيئرز پنهنجي طرفان اهڙا تحقيقي جرنل شايع ڪري پنهنجي اداري ۽ ان سان لاڳاپيلن جي ڪوجنائي ڪمن کي عام تائين پهچائڻ لاءِ اهڙا جرنل شايع ڪرائيندا آهن. ساڳي ريت ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران هر ٽئين مهيني کان ”ڪلاچي“ تحقيقي جرنل باقاعدگيءَ سان پڌرو ٿيندو اچي ٿو.

ڪلاچي جلد پهريون شمارو پهريون نومبر 1998ع ۾ شايع ٿيو. جنهن کي مواد وار ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو: ڀاڱو پهريون شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ڀاڱو ٻيو. سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ ثقافت.

هن تحقيقي جرنل جي ايڊيٽر ان وقت کان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فهميده حسين هئي. جنهن پنهنجي اهليت، قابليت ۽ جاکوڙي طبيعت سان يارنهن جلد شايع ڪيا. سال 2008ع جي جون ۾ ڪلاچي جي يارنهن جلد جو ٻيو شمارو به شايع ٿيو.

ٿلهي ليکي هيل تائين ڪلاچي جا 32 پرچا نڪري چڪا آهن. ”ڪلاچي“ ادبي معيار جي حوالي سان هند ۽ سنڌ ٻنهي ۾ اهم ترين ليکجي ٿو. ”ڪلاچي“ ۾ نه رڳو ڪراچي يونيورسٽي ۽ ڪراچي شهر جي عالمن، ڏاهن ۽ محققن جا ليک شايع ٿين ٿا، پر سڄي سنڌ ۽ هند جي سنڌي عالمن جا مضمون ۽ مقالا به شايع ڪيا ويا آهن.

كلاچي جي پهرئين شماري جا ليكڪ هي هئا:

پاڱو پهريون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي

شيخ عزيز (شاهه جي دور جي روش)، ڊاڪٽر بشير احمد شاد (شاهه لطيف جي ڪلام ۾ نفي جو فلسفو)، ڊاڪٽر علي اڪبر ڏڪڻ (چرخو چوري ڪت ڪاتار)، لطيف اياز پنهور (شاهه جي شاعريءَ ۾ اظهار جي آزادي) ڪمال جامڙو (شاهه لطيف ۽ سچل سرمست ۾ نظرياتي فرق) طارق عزيز شيخ (مارئي ـ قومي غيرت جو اهڃاڻ)، ايچ ـ ايم چانڊيو (شاهه جي شاعريءَ ۾ ذاتين جو ذڪر)، رخمان گل پالاري (شاهه لطيف جي لفظن جو جوهر).

پاڱو ٻيو ـ سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ ثقافت

سراج الحق ميمڻ (سنڌي ٻولي)، ڊاڪٽر هدايت پريم (سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جو اثر)، ڊاڪٽر تهمينه مفتي (جديد دنيا لاءِ سچل جو پيغام)، ڊاڪٽر غفور ميمڻ (اڄ جي ڪهاڻيءَ ۾ جديد نفسيات) ۽ ناهيد پروين (سنڌ جي ثقافت پهاڪن جي آئيني ۾).

مٿي ڪلاچي جي پهرئين شماري جاچور ڏنا ويا آهن. ڪلاچي کي شايع ٿيندي ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي ۽ "ڪلاچي" تحقيق جي دنيا ۾ سنڌي ادب ۾ هڪ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. ڪلاچي تحقيقي جرنل جتي مجيل عالمن ۽ ناميارن اديبن جون ڪاوشون شايع ڪيون اتي نون سيڪڙات لکندڙن کي به هڪ پليٽ فارم مهيا ڪيو. نه رڳو انهن لکندڙن کي همٿايو ويو بلڪ انهن جون لکڻيون اصلاح جي عمل کان لنگهندي پڪيون ۽ پختيون بڻيون.

ڪنهن به تحقيقي جرنل جي وزن جي خبر ان جي ايڊيٽوريل بورڊ مان پوندي آهي. ڪلاچي جو هر شمارو پنهنجي ايڊيٽوريل بورڊ جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو.

ڪلاچي تحقيقي جرنل جلد يارهون، شمارو ٻيون جون 2008ع ۾ پڌرو ٿيو. هن شماري جو ايڊيٽوريل بورڊ هيٺين ميمبرن تي ٻڌل هو:

(1) ڊاڪٽر ظفر. ايچ. زيدي (وائيس چانسلر) سرپرست

(2) ڊاڪٽر غلام علي الانا ميمبر

(3) جناب سراج الحق ميمڻ ميمبر

(4) ڊاڪٽر محمد علي صديقي ميمبر

(5) جناب محمد سليم ميمڻ ميمبر

هن شماري ۾ ناميارن ليکڪن جا مضمون ۽ مقالا شامل هئا. هي شمارو ٻن ٻاڳن تي مشتمل آهي:

(1) سنڌي ٻاڳو (2) انگريزي ٻاڳو

ڊاڪٽر فهميده حسين (سنڌ ۾ گذريل ويهن سالن ۾ ادبي تنقيد جي اوسر)، تاج جويو (جديد سنڌي شاعري، نوان لاڙا، رجحان ۽ ڏارائون)، ڊاڪٽر روي پرڪاش (سنڌي ساهت جو الماس_ هڪ تحقيقي جائزو)، احمد سومرو (شاهه لطيف جي تحليل نفسي)، سڪندر ساگر پنهيار (سرمارئي جي موسيقي)، ڊاڪٽر سجاد ظهير ترجمو ڪندڙ منير احمد ڪتري (غلام شاهه ڪلهوڙو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي) سڪندر علي ٻند (ڀٽائي جي سوانح عمري بابت ٿيل تحقيق جو جائزو)

(Eglish Section) – Lakhmi Khilani- Sindhi Short Story In India

مٿي ڏنل وچورن مان ان ڳالهه جي پلي پٽ پروڙ پوي ٿي تہ "ڪلاچي" تحقيقي جرنل علمي، ادبي ۽ کوجنائي حوالي سان پنهنجو ڪردار صحيح طور نڀائي رهيو آهي.

## حوالا


1. خالد، ڪريم بخش، "سنڌي صحافت"، سکر: حبيب پبليڪيشن، 1995ع، ص نمبر: 190، 191.
2. ٻگهيو، عزيز الرحمٰن، ڊاڪٽر."سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ". ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1988ع، ص نمبر: 58
3. ڀٽ، الهه رکيو. "سنڌي رسالن جي تاريخ (1890ع_ 1980ع)." حيدرآباد: سنڌ پبلشرس، 1981ع، ص نمبر 12.
4. ٻگهيو، عزيز الرحمٰن، ڊاڪٽر، "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ". ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1988ع، ص نمبر: 59.

5. ايضاً_ ص 169

6. ايضاً_ ص 93

7. ايضاً_ ص 129

8. ٻٽ، الھ رکيو. "سنڌي رسالن جي تاريخ (1890 ع _1980 ع)" حيدرآباد: سنڌ پبلشرز 1981 ع. ص 24

9. ٻگھيو، عزيز الرحمان، ڊاڪٽر. "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ". ڄامشورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1988 ع، ص 150.

10. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ". حيدرآباد: سره ڪتاب گھر 1973 ع، ص 150.

11. ٻگھيو، عزيز الرحمان، ڊاڪٽر. "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ". ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1988 ع، ص 219.

12. پناڻ، در محمد، ڊاڪٽر. "آزادي کانپوءِ سنڌي ادبي رسالن ۽ تنظيمن جو جائزو". مهراڻ سه ماهي، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ 1984 ع، ص 108، 109.

13. نئين زندگي، ماهوار "فهرست نمبر"، حيدرآباد: محڪمه اطلاعات حڪومت پاڪستان، سيپٽمبر 1999ع ص: 2

14. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر. "ديباچو" ياد لطيف، حيدرآباد: شاهه عبداللطيف يادگار ڪميٽي سنڌ، 1953 ع.

15. سنڌي، حميد. "سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي"، "سنڌ ماضي حال مستقبل"، (انٽرنيشنل ڪانفرنس) ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي سن 2006 ع. ص: 360.

16. سنڌي، حميد. "رهاڻ" روح رهاڻ، ماهوار حيدرآباد، اپريل 1968 ع ص 3 ۽ 4.

17. هوتچند، تيرٿ داس. "خط" روح رهاڻ ماهوار حيدرآباد فيبروري 1968 ع، ص 48.

18. بيدار عمرالدين. "ايڊيٽر جي قلم مان." اديون ماهوار ڪراچي، ص 1.

19. جميل، مظهر سيد "جديد سندهی ادب (ميلانات، رجحانات، امکانات)، کراچی: اکادمی بازيافت آکتوبر 2004 ع ص نمبر: 1029

20. وليپ، ولي رام، "پنهنجي پاران". سنڌي ادب ڇهه ماهي. جلد 2، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ص 7.

21. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "ديباچو". ڪينجهر تحقيقي جرنل، ڄامشورو: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي سيپٽمبر 1987ع

22. هڪ آفيشل خط جو حوالو Ref. Letter no.P.I/97 ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.